SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر IX مجريہ 2010

# SINDH ORDINANCE NO.IX OF 2011

# سنڌ عوامي ملڪيت (حددخلين ڪي هٽائڻ) (ترميم) آرڊيننس، 2011

# THE SINDH PUBLIC PROPERTY (REMOVAL OF ENCROACHMENT) (AMENDMENT) ORDINANCE, 2010

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XVIII جي دفعہ 2 ۽ 26 جي ترميم
Amendment of Section 2 and 26 of Sindh Act No. XVIII of 2010

# سنڌ آرڊيننس نمبر IX مجريہ 2010

# SINDH ORDINANCE NO.IX OF 2011

# سنڌ عوامي ملڪيت (حددخلين کي هٽائڻ)(ترميم) آرڊيننس، 2011

# THE SINDH PUBLIC PROPERTY (REMOVAL OF ENCROACHMENT) (AMENDMENT) ORDINANCE, 2010

[3 ڊسمبر، 2010]

آرڊيننس جنهن جي ذريعي سنڌ عوامي ملڪيت (حددخلين کي هٽائڻ) ايڪٽ، 2011 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ عوامي ملڪيت (حددخلين کي هٽائڻ) ايڪٽ، 2010 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي

قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ عوامي ملڪيت (حددخلين کي هٽائڻ) (ترميم) آرڊيننس، 2011 سڏيو ويندو.

(2) هيءُ في الفور نافذ ٿيندو.

1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبرV جي دفعہ 2 ۽ 26 جي ترميم
Amendment of Section 2 and 26 of Sindh Act No. XVIII of 2010

2. سنڌ عوامي ملڪيت (حددخلين کي هٽائڻ) ايڪٽ، 2010 ۾۔

(i) دفعہ 2، ۾ شق (o) کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل نئين شق جو اضافو ڪيو ويندو:۔

" (oo) "خاص عدالت" مان مراد ذيلي دفعہ 25 جي تحت قائم ڪيل خاص عدالت؛"؛

(ii) دفعہ 26 جي لاءِ، هيٺ ڄاڻايل کي متبادل سمجهيو ويندو:۔

"خاص عدالت حڪومت پاران مقرر ڪيل رٽائرڊ سيشن جج تي ٻڌل هوندي."

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**